# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريه 1972

# SINDH ACT NO XXIII OF 1972

# اولهه پاڪستان جوا۔ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

# THE WEST PAKISTAN PRVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 جي دفعه 2 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

4. اولهه پاڪستان آرڊيننس I مجريه 1961 ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو واڌارو.

Addition of Sections 11-A and 11-B to West Pakistan Ordinance I of 1961

5. لائسنس جاري ڪرڻ.

Issue of Licence

6. قاعدن جوڙڻ جو اختيار.

Power to make rules.

7. سنڌ آرڊيننس XXII مجريه 1972 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance XXII of 1972.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريہ 1972

# SINDH ACT NO XXIII OF 1972

## اولھہ پاڪستان جوا۔ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

## THE WEST PAKISTAN PRVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ جنھن ذريعي ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 کي اھڙي نموني سان تبديل ڪيو ويندو جو ان کي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو وڃي.

تمهيد (Preamble)

اھا تقاضا آھي تہ ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 ۾ تبديلي آڻي ان کي سنڌ ۾ لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو ھيءَ صورت وٺندو.

ان لاءِ ھن ريت ايڪٽ جوڙيو وڃي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) ھن ايڪٽ کي اولھہ پاڪستان جوا۔ روڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972 چيو ويندو.

(2) اھو ھڪدم لاڳو ٿيندو.

اولھہ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 جي دفعہ 2 ۾ تبديلي.
Amendment of

2. ويسٽ پاڪستان پروينشن آف گيمبلينگ آرڊيننس مجريہ 1961 کي اھڙي نموني سان تبديل ڪيو ويندو جو ان کي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو وڃي. ان لاءِ

| | |
|---|---|
| تبديلي هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾ لفظ "صلاحيت" ڪي "لائسنس ذريعي قائم ٿيل ۽ هلندڙ ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ يا ڪيڏجندڙ رانديون" لفظن سان بدلايو ويندو. | Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 196 |
| 3. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ نمبر 3 ۾ شق (e) جي آخر ۾ ڏنل فل اسٽاپ، سيمي ڪولن ۽ لفظ "۽" سان بدلائي هي هيٺ ڄاڻايل شق وڌائي ويندي. | اولهہ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي. Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961 |
| "(f) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس جو مطلب آهي اها خانگي جڳهہ يا ان جو حصو جيڪا راڳ رنگ يا ٿيئٽر طور ڪم اچي، جنهن ۾ غير ملڪين جي لاءِ مختلف رانديون ڪري سگهجن ۽ ان ۾ وندر روح جو اهتمام ٿيل هجي." | |
| 4. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 11 ڪانپوءِ هيٺان نوان دفعہ شامل ڪيا ويندا:<br>"11_A حڪومت ٽوئرسٽ ڪامپليڪس جي قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ پنهنجن مقرر ڪيل شرطن تي لائسنس ڏئي سگهي ٿي.<br>11_B هن حڪم نامي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ سرڪار قاعدا ۽ قانون ٺاهي سگهي ٿي، خاص طور تي<br>(a) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس لاءِ لائسنس ڏيڻ جا شرط مقرر ڪرڻ<br>(b) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ داخلا ڏيڻ کي ضابطا ٺاهڻ.<br>(c) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ مختلف راندين | اولهہ پاڪستان آرڊيننس I مجريہ 1961 ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو واڌارو. Addition of Sections 11-A and 11-B to West Pakistan Ordinance I of 1961 |

| | |
|---|---|
| ڪرائڻ.“ | |
| 5. اولهه پاڪستان جوا۔ روڪ (سنڌ ترميم) آرڊيننس 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | سنڌ آرڊيننس XXII مجريه 1972 جي منسوخي. Repeal of Sindh Ordinance XXII of 1972 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**